# سوائل مڪينڪس ليبارٽري ۽ ڪراچي ۾ آفيس جي عمارت جي ٻيهر اڏاوت
# لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو




سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (آبپاشي کاتو)

آ گسٽ 2020

سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ
آبپاشي کاتو حڪومت سنڌ

Irrigation Department
Government of Sindh

SINDH RESILIENCE PROJECT
SINDH IRRIGATION DEPARTMENT

# سوائل مڪينڪس ليبارٽري ۽ ڪراچي ۾ آفيس جي عمارت جي ٻيهر اڏاوت لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا جو خلاصو

سنڌ حڪومت صوبي جي مختلف علائقن ۾ عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان سنڌ ريزيليئنس منصوبي (ايس آر پي) جو آغاز ڪيو آهي. هن منصوبي تي آبپاشي کاتي (ايس آءِ ڊي) ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) ذريعي ڪم ڪيو ويو آهي. عملي طور عملدرآمد ايس آر پي تحت ڄاڻايل منصوبن تي رهيو. 1. سنڌو درياءَ تي مٽيءَ جي بچاءُ بندن جي بحالي ۽ سڌارا، 2. صوبي جي سوڪهڙي يا پاڻي جي کوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي جي ذخيرن جي اڏاوت. ايس آر پي جي پهرئين عملدرآمد سال ۾ ننڍين 6 ڊئمن ۽ ٻئين عملدرآمد سال ۾ 9 ننڍين ڊئمن تي ڪم شروع ڪيو ويو، جيڪي هاڻي مڪمل ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن. اُن ڪانسواءِ، ايس آر پي جي ٽئين عملدرآمد سال دوران سنڌ سرڪار ڪراچي ۾ سوائل مڪينڪس ليبارٽري جي پُراڻي ڍانچي جي ٻيهر اڏاوت جي رٿا جوڙي آهي.

عالمي بئنڪ جي رهنما يا نگهبان پاليسين جون گهرجون پوريون ڪرڻ، اُنهن کي قومي توڙي صوبائي سطح تي لاڳو قانون موجب ٻڌائڻ ۽ ننڍين منصوبن جي سرگرمي لاءِ هڪ اي ايس ايم پي دستاويز تيار ڪيو ويو آهي.

تجويز ڪيل عمارت ۾ سوائل مڪينڪس سان لاڳاپيل چڪاسن جي گنجائش وڌائڻ لاءِ رٿا جوڙي وئي آهي، جيڪا آبپاشي کاتي اندر تجربن ۽ مشاهدن جي صلاحيت وڌائيندي. هنن ننڍي رٿا تحت ليبارٽري جي اڏاوت ۾ ساڳي زمين تي موجود عمارت کي ڊاهڻ ۽ نئين عمارت اڏڻ شامل آهي. تجويز ڪيل ضمني منصوبو آبپاشي کاتي جي عمارت جي حد ۾ اچي ٿو، جيڪو دفتري حصي (بلاڪ – اي) ۽ رهائشي علائقي (بلاڪ- بي) تي ٻڌل آهي. رهائشي علائقو ۽ دفتري بلاڪ 6 فُٽ ڊگهي پٽ ذريعي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. آبپاشي کاتي جي عمارت انتظامي طور جمشيد ٽائون جي يونين ڪائونسل محمود آباد نمبر 5 ۾ واقع آهي، اهو علائقو ڪراچي اوڀر ضلعي ۾ اچي ٿو. تجويز ڪيل منصوبو ڪورنگي ڪراسنگ روڊ ۽ شاهراهه فيصل وچ ۾ نهيل محمود آباد فلاءِ اوور جي سامهون شهيد ملت روڊ تي واقع آهي. مجوزه منصوبي جي پلاٽ جي ايراضي 791.8 چورس گز تي پکڙيل آهي.

ضمني منصوبي جي ابتدائي سماجي ۽ ماحولياتي درجه بندي اي ايس ايم ايف سان واڳيل مشاهداتي فهرست کي ڪتب آڻيندي ڪئي وئي آهي، اهو ضمني منصوبو معيار جي حساب سان وچولي درجي جي درجه بندي رٿا ۾ اچي ٿي، جنهن تحت ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا (اي ايس ايم پي) ناهڻ گهربل هوندي آهي.

ضمني منصوبو سماجي ۽ ماحولياتي طور حساس علائقن ۾ نٿو اچي، هي منصوبو موجوده سرڪاري زمين تي واقع آهي، اڏاوت ۽ بحالي جون سرگرميون سوائل مڪينڪس ليبارٽري جي موجوده عمارت اندر مقامي سطح تي ڪيون وينديون. منصوبي جي ڪري واڌو زمين يا ٻيهر آبادڪاري جو مسئلو پيدا ٿيڻ جا امڪان نہ آهن. رٿيل اڏاوت جي نتيجي ۾ ٿيندڙ اثر عارضي آهن، جيڪي منصوبي جي حدن ۾ مقامي سطح جا آهن. تنهنڪري ضمني منصوبو امڪاني طور بنهہ گهٽ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو ڪارڻ بڻجندو.

هيءُ رٿا (اي ايس ايم پي) منفي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ اپائن جو هڪ مجموعو پيش ڪري ٿو، جِن تي تعميراتي ڪم دوران پيدا ٿيندڙ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ عملدرآمد ڪيو ويندو، هي (اي ايس ايم پي) دستاويز ادارتي انتظام، نگراني ۽ رپورٽنگ جو نظم و ضبط مهيا ڪري ٿو. جڏهن تہ ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جي پهلوئن تي عملدرآمد ڪرڻ واري عمل کي قلمبند ڪرڻ جي طريقہ ڪار ئي واضع ڪري ٿو.

اڏاوت سان واڳيل مسئلا جهڙوڪ، فضائي گدلاڻ، گندگي، آواز جي گدلاڻ ۽ ٽريفڪ جي انتظام جا اثر، اُنهن کي اي ايس ايم پي ۾ ڏنل اپائن تي مناسب عمل سان گهٽائي سگهجي ٿو. اڏاوتي ڪم دوران ملازمت جي دوران ڪم ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ حفاظت کي يقيني بڻايو ويندو، اهو سڀ ڪجهہ خطرن يا حادثن کي روڪڻ لاءِ لڳاتار نگراني، مزدورن يا آبادي ۾ جاڳرتا، پورهيتن ۽ آبادي ۾ ڪورونا وائرس جي روڪٿام وارن اپائن، صفائي سُٿرائي جي انتظامن، هنگامي بچاءَ جي طريقن، رستي تي حفاظت، آمدرفت جي حفاظتي سامان، پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ مزدورن کي ڪچري جي دٻن جي فراهمي ذريعي ڪيو ويندو. ڪم يا عملدرآمد جي متوقع مرحلي سان واڳيل مسئلن ۾ گندگي هٽائڻ جو انتظام، استعمال ٿيل پاڻي جي گدلاڻ، زميني پاڻي جي گدلاڻ ۽ ڪنهن بہ وقت باهہ لڳڻ جو خطرو شامل آهن. هن اي ايس ايم پي ۾ تفصيل سان ٻڌايل اپائن تي عمل ڪانپوءِ ضمني منصوبي جي ڪابہ اهميت نہ هوندي ۽ علائقي جي طبعي، حياتياتي، سماجي ۽ اقتصادي ماحوليات تي ناڪاري اثر رهندا.

ٺيڪيدار عملدرآمد جي مرحلي ۾، اي ايس ايم پي جي تجويز ڪيل عمل جوڳن نندن اپائن ۽ نگراني جي منصوبن ذريعي نگراني جو ڪم ڪندو. پي آءِ ايس ايس سي روزانو بُنيادن تي جاچايل اي ايس ايم پي سان گڏ ٺيڪيدارن جي نگراني واريون ذميواريون ادا

ڪندو، ۽ پي ايم ٽي- ايس آر پي مٿان وري سماجي توڙي ماحولياتي رُخن جي نگراني واري ذميواري هوندي.

ٺيڪيدار هر مهيني جي آخر ۾ ماهوار عملدرآمد رپورٽ پيش ڪندو. پروجيڪٽ امپليمينٽيشن سپورٽ اينڊ سپرويئن ڪنسلٽنٽ (پي آءِ ايس ايس سي) هڪ سائيٽ انوائرنمينٽل آفيسر ذريعي اي ايس ايم پي جي تجويزن يا سفارشن تي عملدرآمد لاءِ پابند هوندو.

هن منصوبي تي مجموعي خرچ جو ڪاٿو 2 ڪروڙ 88 لک 59 هزار رُپيا لڳايو ويو آهي، جڏهن ته اڏاوت جي مرحلي ۾ اي ايس ايم پي تي عملدرآمد جو خرچ 12 لک 39 هزار رُپيا آهي. وڻڪاري جو خرچ اُن ۾ شامل آهي.